Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي

جلد :11 | اربع 14 ڊسمبر 2022ع بمطابق 19 جمادي الاول 1444ھ | شمارو 61 | قيمت10 روپيا

نيب ترميمن جو فائدو رڳو ترميم ڪندڙن کي ٿيو:چيف جسٽس

نيب قانون جي غلط استعمال سان ڪيترين ماڻهن جو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي، نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي

جيڪڏهن ايگزيڪيوٽو پنهنجو ڪم نه ڪري تہ ماڻهو عدالتن ۾ اچن ٿا، نيب ترميمون هن اسيمبلي کيون جيڪي مڪمل ناهن: جسٽس عمر عطا بنديال

ان نقطي تي کو قانون ناهي تہ نامڪمل اسيمبلي قانونسازي ڪري سگهي ٿي يا نہ، اڌ کان وڌيڪ اسيمبلي سياسي حڪمت عملي سبب بائيڪاٽ ڪئي آهي

نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي، سموري سياسي پارٽي چند ماڻهن جي ڏنل لائين تي هلي رهي آهي: جسٽس اعجاز الاحسن جا رمارڪس

لائين تي هلڻ جو فائدو ڪجهه ماڻهن کي ئي پهچندو آهي، اصل ۾ جن کي فائدو ٿيو، عدليه کي ڏسڻ گهرجي؟ اهڙي حالت ۾ هٽ بند ٽيل تماشو؟

اسلام آباد (م ڏ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي تہ نيب قانون جي غلط استعمال سان ڪيترين ماڻهن جو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي، جڏهن تہ نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي، سپريم ڪورٽ ۾ نيب ترميمن خلاف عمران خان جي درخواست جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ جي وڪيل خواجا حارث دليل ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن ايگزيڪيوٽو پنهنجو ڪم نه ڪري تہ ماڻهو عدالتن ۾ اچن ٿا، ٻڌڻي دوران جسٽس عمر عطا بنديال چيو تہ نيب ترميمون هن اسيمبلي کيون جيڪي مڪمل ناهن، ان نقطي تي کو قانون ناهي تہ نامڪمل اسيمبلي قانونسازي ڪري سگهي ٿي يا نہ، اڌ کان وڌيڪ اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان کي پي کي جو سرڪاري هيلي ڪاپٽر ڪشائيڪسي جيان استعمال کيو:شرجيل انعام ميمڻ

کي پي کي اسيمبلي قانون ۾ جيترين به تبديليون آٽي، پر خان صاحب قانون جي پڪڙ کان بچي نڪو سگهي:صوبائي وزير

عمران خان کي بچائڻ لاءِ کي پي کي اسيمبلي 2008 کان سرڪاري هيلي ڪاپٽر جي خانگي استعمال کي جائز قرار ڏنو آهي

کي پي کي ۾ سينيئر سياستدانن، ايم اين ايز ۽ ڪاروباري برادري کي ڏمڪيون ملي رهيون آهن: ميڊيا سان گڏهيون

ڪراچي(رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ کي پي کي اسيمبلي عمران خان کي بچائڻ لاءِ جيترين به ترميمون ڪري، خان صاحب قانون جي پڪڙ کان بچي نڪو سگهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو تہ عمران خان کي پي جو سرڪاري هيلي ڪاپٽر رڪشا ٽيڪسي وانگر استعمال کيو، عمران خان جي غيرقانوني سرگرمين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ کي پي کي اسيمبلي ۾ هيلي ڪاپٽر جي استعمال جي ضابطن ۾ ترميم ڪئي وئي آهي، هن چيو تہ عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سمورا اختيار مرڪزوٽ هوندا، صوبائي وڏن وزيرن وٽ هاڻي رڳو ڏرتي بچي آهي:اختر مينگل

ريڪوڊڪ بابت قانونسازي تي حڪومتي اتحادين جا خدشا اڃا تائين برقرار آهن، سمورا اختيار، ٽئڪس، منرلز ۽ مائننگ مرڪزوٽ هوندا

سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ ارڙهين ترميم جي خلاف، هي ريڪوڊڪ جو نہ بلوچستان کي هڙپ ڪرڻ جو معاملو آهي

جي يو آءِ ۽ سمورن ميمبرن ان قانوسازي جي مخالفت ڪئي، ريڪوڊڪ قانونسازي ڪانپوءِ پارٽي جو اجلاس سڏايو آهي

اسلام آباد (م ڏ) ريڪوڊڪ بابت قانونسازي تي حڪومتي اتحادين جا خدشا اڃا تائين برقرار آهن. ان حوالي سان بي اين پي سربراهه سردار اختر مينگل چيو آهي تہ سمورا اختيار ٽئڪس، منرلز ۽ مائننگ مرڪزوٽ هوندا. صوبائي وڏي وزير وٽ هاڻي رڳو ڏرتي وڃي بچي آهي. هن چيو تہ ريڪوڊڪ تي قانونسازي جا مخالف آهيون، سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ ارڙهين ترميم جي خلاف، هي ريڪوڊڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: بي اين پي سربراهه سردار اختر مينگل منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي

گورنر هاڻي يونيورسٽي جو چانسلر نہ هوندو، اسيمبلي بل منظور ڪري ورتو

ڪيرالا (م ڏ) گورنر هاڻي يونيورسٽيءَ جو چانسلر نہ هوندو، اسيمبلي بل منظور ڪري ورتو آهي جنهن تحت گورنر هاڻي رياست ۾ يونيورسٽين جو چانسلر نٿو ٻڌجي سگهي ۽ گورنر بدران تعليمي ماهر کي ان عهدي تي مقرر ڪيو ويندو. مخالف پارٽي يو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان 20 ڊسمبر کان اڳ ڪري ڇڏيندا سين:عمران خان

اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي(ق) ليگ ۽ پي ٽي آءِ هڪ پيج تي آهن، 20 ڊسمبر کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ جو اعلان ڪندا سين

پنهنجي ڊويزن سان تعلق رکندڙ ايم پي ايز اسيمبليون ٽوڙڻ جي فيصلي جي توثيق ڪري ڇڏي، هن مهيني اسيمبليون ٽوڙيون ويندين

(ق) ليگ اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي هڪ پيج تي آهي، (ق) ليگ اهم اتحادي آهي انهن کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي

لاهور (م ڏ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي(ق) ليگ ۽ پي ٽي آءِ هڪ پيج تي آهن. 20 ڊسمبر کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ جو اعلان ڪندا سين. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي صدارت هيٺ ساهيوال سرگودها ڊويزن ۽ ميانوالي اسيمبلي ميمبرن جو اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ڊويزن سان تعلق رکندڙ ايم پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس عبدالله علوي ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ شهرين کي بجلي جي مسلسل فراهمي، ان حوالي سان درپيش مشڪلاتن، بجلي جي پيدوار لاءِ ڪيل قدمن ۽ بين معاملن تي خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻائي، شهر جي مختلف علاقن ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جون شڪايتون ختم ڪرڻ، سنڌ جو گورنر ترسيل نظام جي بهتري لاءِ وڌيڪ قدم کڻيا وڻن سيباري جي موسم ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ هڪ سوالیہ نشان آهي، وڌيڪ بل موڪلڻ واري شڪايتون جو به ازالو ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس عبدالله علوي گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ شهرين کي بجلي جي مسلسل فراهمي، ان حوالي سان درپيش مشڪلاتن، بجلي جي پيدوار لاءِ کيل قدمن ۽ بين معاملن تي خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪستان ۾ دهشتگردي کي پارٽ جي حمايت حاصل آهي: گهرو وزير

لڳي ٿو پارٽ پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث آهي، ڪلپوشن يادیو جو بيان ان ڳالهه جو ثبوت آهي تہ پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ پارٽ جو هٿ آهي: راڻا ثناءالله

اسان کي پارٽ جو مڪروچهرو دنيا آڏو بي نقاب ڪرڻو آهي، پارٽ دنيا جي سامهون بيگناهه بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پارٽ پنهنجا ظلم لائين لاءِ والاريل ڪشمير ۾ بهترين ظلم ڪري رهيو آهي

پارٽ ظلم جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ نوان بهانا ٺاهي ٿو، ڪلپوشن جو ڪيس دهشتگردي جو ثبوت آهي، ڪلپوشن ڪيس ۾ ثبوتن جي ضرورت ناهي: رفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (م ڏ) گهرو وزير راڻا ثناءالله جيو آهي تہ لڳي ٿو پارٽ پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث آهي، پاڪستان ۾ دهشتگردي کي پارٽ جي حمايت حاصل آهي اسلام آباد ۾ گهرو وزير راڻا ثناءالله ۽ ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جرمني جي سفير جي آصفه پٽو زرداري سان ملاقات

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريد گرنيس جي ب ب اڳواڻ بي بي آصفه پٽو زرداري سان ملاقات بلاول هائوس ڪراچي ۾ ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۾ پوليو خلاف مهم ۽ ان سلسلي ۾ جرمني جي تعاون سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آصفه پٽو زرداري چوڌ متاثرن لاءِ جرمن حڪومت ۽ عوام جي تعاون کي سراهيو. آصفه پٽو زرداري جرمني پاران پاڪستان جي غيرمعمولي برسات ۽ تباهي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايشيائي ترقياتي بينڪ جو پنجاب کي 10 کروڙ ڊالر قرض ڏيڻ جو اعلان

ايشيائي ترقياتي بينڪ (اي ڊي بي) پنجاب تکنيڪي ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ تربيت (ٽي وي اي ٽي) کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد لاءِ 10 کروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏني ڇڏي

پنجاب ۾ افرادي طاقت کي وڌائڻ ۽ گرجوئيٽس کي روزگار فراهم ڪرڻ، ادارن ۾ انتظامي ۽ اسٽريٽجڪ منصوبابندي کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو قرض استعمال کيو ويندو

اسلام آباد (م ڏ) ايشيائي ترقياتي بينڪ (اي ڊي بي) پنجاب تکنيڪي ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ تربيت (ٽي وي اي ٽي) کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد لاءِ 10 کروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏني آهي. ايشيائي ترقياتي بينڪ جي پڌراڀي موجب اي ڊي بي پنجاب ۾ ٽيڪنيڪل ايندو ورڪيشنل ايجوڪيشن کي بهتر بڻائڻ لاءِ 10 کروڙ ڊالر جي قرض جي منظوري ڏني آهي. پڌراڀي موجب پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي هاڻي پوئتي نہ هٽنبو:فواد چوڌري

اسحاق ڊار کان پڇي تہ سندن ڪهڙو پلان آهي، صدر کي اسان چيو هو تہ اسحاق ڊار کان پڇاڻو ڪري تہ ست مهينن اندر ملڪ جو حشر نشر ٿي ويو آهي

چونڊن کانسواءِ سياسي استحڪام نہ ايندو، عمران خان جلسي ۾ اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ان کان پوئتي نٿا هٽي سگهون

ويهه مارچ 2023ع تائين کي پي ۽ پنجاب ۾ نيون حڪومتون چاهيون ٿا، بنهي صوبن ۾ نيئن حڪومتن جي اچڻ سان اتي سياسي استحڪام ايندو

لاهور (رپورٽر) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي تہ صدر عارف علوي کي چيو آهي تہ اسحاق ڊار کان پڇي تہ سندن ڪهڙو پلان آهي. فواد چوڌري پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي تہ صدر کي اسان چيو هو تہ اسحاق ڊار کان پڇاڻو ڪري تہ ست مهينن اندر ملڪ جو حشر نشر ٿي ويو آهي انهن وٽ ڪهڙو پلان آهي؟ سندس چوڻ هو تہ صدر ڪين چيو تہ چونڊون ٿڪا ڪرائين تہ اوهان حل ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءڪورٽ جي جسٽس کي ڪي آغا تي ٻڌل ريفرنس بنچ سانحي بلديا ٽائون جي جوابدارن جي سزاجي خلاف اپيلين جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ريفرنس بنچ سانحي بلديا ٽائون جي جوابدارن جي سزاجي خلاف اپيلين جي ٻڌڻي ٿي. جڏهن سنڌ حڪومت جي ايڊووڪيٽ جنرل رئوف صديقي سميت ٻين جي بريت جي خلاف ڪيس ۾ عدالت رئوف صديقي سميت ٻين پري ايڊميشن نوٽيس جاري ڪري چڪا آهي. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سکر ڪان ڪراچي تائين جنگي بنيادن تي موٽروي ٺاهڻ جو اعلان

وزيراعظم حيدرآباد لاءِ 2 ارب روپين جي ترقياتي پيڪيج جو اعلان به ڪيو، هڪ ارب وفاقي حڪومت ۽ هڪ ارب سنڌ حڪومت ادا ڪندي: شهباز شريف

ٻوڏ متاثرن جي مدد جي سخت ضرورت آهي ۽ ايندڙ هفتي کان ٻيهر متاثر علاقن جو دورو ڪندس، سنڌ حڪومت پرائيويٽ پبلڪ پارٽنرشپ هيٺ ڪافي منصوبا شروع ڪيا آهن

وفاقي حڪومت به هن ماڊل کي فالو ڪندي، 30 مهينن ۾ سکر حيدرآباد موٽروي جيڪو 306 ڪلوميٽر ڊگهو آهي، اهو مڪمل ڪيو ويندو

3 ڪرب 7 ارب رپين جي لاڳت واري منصوبي جي افتتاحي تقريب سکر ۾ ٽي پرهو ڪجهه دير ۾ حيدرآباد به پهچندو، ان کان اڳ افتتاحي تقريب 9 ڊسمبر تي ٽيٽي هئي

جيڪا وزيراعظم جي بين مصروفيتن سبب ملتوي ڪئي وئي هئي، تقريب ۾ پشاور کان شروع ٿيندڙ موٽروي منصوبي جي آخري لنڪ جي تعمير جو پٿر رکيو ويندو

ايم 6 موٽروي جي افتتاحي تقريب سول ايوي ايشن آٿينٽريم حيدرآباد ۾ ٿيندي جڏهن تہ سنگ بنياد رکڻ واري تقريب آءِ بي اي يونيورسٽي سکر ۾ ٿيندي

سکر (نمائندن وٽان) سکر کان حيدرآباد تائين موٽروي جو اڄ وزيراعظم ميان شهباز شريف پيڙهه جو پٿر رکي جڏهن ۽ حيدرآباد کان ڪراچي تائين نئون موٽروي ڏاهن جو اعلان ڪيو آهي

وزيراعظم حيدرآباد لاءِ 2 ارب روپين جي ترقياتي پيڪيج جو اعلان به ڪيو، هڪ ارب وفاقي حڪومت ۽ هڪ ارب سنڌ حڪومت ادا ڪندي. سيوهڻ تائين ڊبل هاءِ وي مڪمل ڪرڻ ۽ سيوهڻ ۽ پاس بابت احسن اقبال، مولانا اسد الرحمان ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سکر: وزيراعظم سکر ۽ حيدرآباد ايم 6 موٽروي جو سنگ بنياد رکڻ کان پو، دعا گهرندي

اڳوڻي صوبائي وزير جي گهر تي ٻيهر دستي بم حملو

دستي بم ڪچري ۾ ڪٽ ناهي نقصان جي موبائيل نمبر تان پتي جون ڪالز اچي رهيون آهن

به ڏينهن اڳ به گهر جي ڇت تي جوابدارن دستي بم اڇلائي فرار ٿي ويا هئا: حاجي جاويد جوپٽ حسين جاويد

پشاور (م ڏ) پشاور جي علاقي گلبهار ۾ اڳوڻي صوبائي وزير حاجي جاويد جي گهر تي ٻيهر دستي بم حملو ٿيو آهي، ايس پي سٽي عبدالسلام موجب دستي بم ڪچري ۾ ڪٽ ناهي جاني نقصان ناهي ٿيو، حاجي جاويد جوپٽ حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان ملڪ جو ميجل سياسي اڳواڻ آهي: پرويز الاهي

اسان عمران خان جو ساٿ ڏنو، ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان پاڪستان جو مشهور اڳواڻ آهي

اسان سنڊس ساٿ ڏنو، ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين، مان ڪنهن به هڪ ماڻهو جي بجاءِ سموري ٽيم کي گڏ ڪئي هلندو آهيان

اسان جي سياست جو مقصد عام ماڻهو جي حالتن ۾ بهتري آڻڻ آهي، هميشہ غريب ماڻهو کي رليف ڏيڻ جي لاءِ سڄي نيت سان ڪم ڪيو آهي

لاهور (م ڏ) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي تہ اسان عمران خان جو ساٿ ڏنو، ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين. رپورٽ موجب چوڌري پرويز الاهي سان صوبائي وزير محمد لطيف نڈر ملاقات ڪئي جنهن ۾ صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور: پنجاب جو وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي اجلاس جي صدارت ڪندي

شوڪت عزيز صديقي جي پنهنجي ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست

اسلام آباد (م ڏ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي پنهنجي ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي. اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ درخواست داخل ڪئي. درخواست ۾ موقف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پارٽي ڪوهيڙي جو پاڪستان ڏانهن رخ، معاملو سارڪ اجلاس ۾ اٺارڻ جو فيصلو

پارٽي ڪوهيڙو پاڪستان منتقل ٿيڻ تي پنجاب حڪومت گڏتي جو اظهار ڪيو آهي، ڪوهيڙي سبب لاهور شهر دنيا جو پهرين نمبر گندو شهر شمار ٿيندو آهي

ماحوليات کاتي پنجاب پڌڻهي کاتي کي ان بابت آگاهه ڪيو آهي، پارٽي پنجاب مان ڪوهيڙو پاڪستان ۾ منتقل ٿيڻ سان لاهور جي عوام کي ڏکيائي ٿيندي آهي

پڌڻهي کاتو پاڪستان پاران هي مسئلو سارڪ ملڪن جي تنظيم اٺارڻ گهرجي، وڻندڙ ڪوهيڙو جي حل لاءِ ماحوليات کاتو قدم کڻي رهيو آهي: موسميات کاتو

لاهور (م ڏ) پنجاب حڪومت پارٽي ڪوهيڙي جي پاڪستان منتقلي جي معاملي کي سارڪ جي اجلاس ۾ اٺارڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ميڊيا رپورٽس موجب پارٽي ڪوهيڙو پاڪستان منتقل ٿيڻ تي پنجاب حڪومت گڏتي جو اظهار ڪيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حيدرآباد سکر موٽروي عمران خان جي حڪومت ۾ منظور ٿي چڪو هو: اسد عمر

8 مهينا وڃائڻ کان پوءِ امپورٽڈ حڪومت حيدرآباد سکر موٽروي تي ڪم شروع ڪري رهي آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

سنڌ جي عوام کي حيدرآباد سکر موٽروي مبارڪ هجي، اهو منصوبو عمران خان جي حڪومت ۾ حتمي طور تي منظور ٿي چڪو هو

ٺيڪيدار جي چونڊ به ٿي چڪي هئي، هاڻ 8 مهينا برباد ڪرڻ کان پوءِ امپورٽڈ حڪومت ڪم شروع ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م ڏ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر چيو آهي تہ 8 مهينا وڃائڻ کان پوءِ امپورٽڈ حڪومت حيدرآباد سکر موٽروي تي ڪم شروع ڪري رهي آهي. اهو منصوبو عمران خان جي حڪومت ۾ منظور ٿي چڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ اسيمبلي ۾ ڪارونجهر جي ڪوٽائي جو پڙاڏو، بجلي ۽ گئس جي ڪوٽ جو به آواز اٺاريو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ ڪارونجهر جي ڪوٽائي جو پڙاڏو، بجلي ۽ گئس جي ڪوٽ جو به آواز اٺاريو ويو. سنڌ سرڪار ڪارونجهر جبل جي ڪوٽائي بند هجڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي تہ عوام جي خدشن تي جوڙيل وزارتي ڪميٽي رپورٽ ڪابينا ۾ جمع ڪرائيندي. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر آغا سراج دراني جي صدارت ۾ ٿيو. مائينز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران ذهني مريض آهي، سندس علاج لاءِ جڙي ٻوٽين جو فصل پوکيو وڃي: منظور وسان

ملڪ ۾ ذهني مريضن جو اڃاڳ وڌندو پيو وڃي، اهڙي جڙي ٻوٽين حڪيمن کي ورڪرڪنڊاسين تحريڪ عمران خان جهڙا ذهني مريض ڏاڍي هڪ ڪان ڇهن مهينن اندر ٽيڪ ٽي ويندا

عمران خان اقتدار وڃائڻ ڪانپوءِ ذهني مريض ٿي چڪو آهي، انڪري جڙي ٻوٽين جي فصل سان اڳتي وڌو ۽ ورتو ويندو، چوڻ وارن جي استعمال سان مريضن جو اڃاڳ گهٽجي ويندو

مون کي ملڪ ۾ عام چونڊون مئي ۾ ڄڻ ڄڻ ڄڻ ۾ ٿيندي نظر اچي رهيون آهن، ملڪ ۾ عام چونڊون پي ٽي آءِ جي راضپي سان ٿيندڙ ڏسين: پ پ اڳواڻ

ڪراچي (م ڏ) پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان سنڌ جي آبادگارن جي آبادگار جڙي ٻوٽين جو فصل پوکين تہ جيئن عمران خان جهڙا ذهني مريض جو علاج ٿي سگهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اين آر او ٽو مان فائدو ونڊندڙ سليمان شهباز به اڄ ڪاهائي پيو: عمر سرفراز چيمہ

اربين روپين جي ڪرپشن ڪندڙن کي جيل ۾ هجڻ گهرجي پر ڪرپٽ ٽولو قورن کي پروٽوڪول ڏئي رهيو آهي

سرٽيفائيڊ قورو ملڪ مٽان قابض ٿي ويا آهن، شريف فيملي معاشري ۾ ڪرپشن ۽ منيء لانڊرنگ جا رڪارڊ قائم ڪيا

شريف خاندان ايون فيلڊ ريفرنس جي اربين روپين جي اثاثن جا ثبوت اڄ تائين جمع ناهي ڪرائي سگهيو

لاهور (م ڏ) پنجاب جي گهرو صلاحڪار عمر سرفراز چيمہ وزيراعظر جي پٽ سليمان شهباز به اڄ جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي تہ اين آر او 2 مان فائدو حاصل ڪندڙ سليمان شهباز به اڄ ڪاهائي رهيو آهي. عمر سرفراز چيمہ وڏيڪ چيو آهي تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: پنجاب جو گهرو صلاحڪار عمر سرفراز چيمہ پريس ڪانفرنس ڪندي

خورشيد شاهه کي لنڊن مان علاج ڪرائڻ جي اجازت

سکر (رپورٽر) سکر جي احتساب عدالت وفاقي وزير خورشيد شاهه کي علاج ڪرائڻ لاءِ لنڊن وڃڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پي ٽي آءِ جي رابعه اظفر نظامي جو گهريلو تشدد روڪڻ ۽ تحفظ ترميمي بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پي ٽي آءِ جي رابعه اظفر نظامي جو گهريلو تشدد روڪڻ ۽ تحفظ ترميمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڊاڪٽرن لاءِ خوشخبري، حڪومت وڏو فيصلو ڪري ورتو

اهو فيصلو صحت ڪاتي جي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد جي صدارت هيٺ ٿيڻ واري اجلاس ۾ ڪيو ويو

2 هزار ڊاڪٽرز ۽ نرسز پرتي ڪرڻ لاءِ ريڪروٽمنٽ پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن کي ڏني وئي آهي

لاهور (م ڏ) پنجاب حڪومت صوبي ۾ وڏيڪ 2 هزار ڊاڪٽرز ۽ نرسز پرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. رپورٽ موجب اهو فيصلو صحت ڪاتي جي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي جي لياري واري علاقي ۾ گئس ۽ بجلي جو وڏو بحران آهي: عبدالرشيد

منهنجي گهر ۾ ڏيڍ سال کان گئس ناهي، گئس سلينڈر استعمال ڪري رهيو آهيان

گئس جي لائينن ۾ گٽر جو پاڻي نڪري رهيو آهي، گئس معاملي تي وڏيون دانهون ڪيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي جي ايم پي اي عبدالرشيد ايوان ۾ گئس ۽ بجلي جي بحران معاملو اٿارينديو جيڪو تہ ڪراچي جي لياري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ميجر ڪالوني جو دورو ڪيو

ميجر ڪالوني جي دوري دوران گهيري جماعت جي اڳواڻن پاران سنڌ جي گورنر جو استقبال ڪيو

سنڌ جي گورنر مقامي رهواسين سان گڏهه هولهه ڪئي ۽ دڪاندارن کان مسئلا معلوم ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ميجر ڪالوني جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان ۽ ٻيا موجود هئا. ميجر ڪالوني جي دوري دوران گهيري جماعت جي اڳواڻن پاران سنڌ جي گورنر جو استقبال ڪيو ۽ جماعت جي صدر حاجي عبدالڪريم اڀرڪ جو تحفو ڏنو. سنڌ جي گورنر مقامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري ميجر ڪالوني جي دوري دوران هوٽل تي چانهه پيئندي

ڪراچي: اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن جا جاوا، اهر اعلان

موڪلن جو تعليم ڪاتي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي

22 کان 31 ڊسمبر تائين تعليمي ادارا بند رهندا: تعليمي ذريعا

ڪراچي (م ڏ) سنڌ جي تعليم ڪاتي سڄي صوبي ۾ سمورن تعليمي ادارن ۾ موڪلن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهه ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڊاڪٽرن لاءِ خوشخبري، حڪومت وڏو فيصلو ڪري ورتو

اهو فيصلو صحت ڪاتي جي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد جي صدارت هيٺ ٿيڻ واري اجلاس ۾ ڪيو ويو

2 هزار ڊاڪٽرز ۽ نرسز پرتي ڪرڻ لاءِ ريڪروٽمنٽ پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن کي ڏني وئي آهي

لاهور (م ڏ) پنجاب حڪومت صوبي ۾ وڏيڪ 2 هزار ڊاڪٽرز ۽ نرسز پرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. رپورٽ موجب اهو فيصلو صحت ڪاتي جي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بن اتحادي پارٽين وفاقي ڪابينا اجلاس جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو

بي اين پي مينگل ۽ جي يو آءِ جي وزيرن ڪابينا اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ۽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

بنهي پارٽين جا وزير احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ ڪانپوءِ اجلاس ۾ اٿي هليا ويا: ذريعا

اسلام آباد (م ڏ) حڪومت جي بن اتحادي پارٽين وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سکر: پ پ جو مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه نيب عدالت ۾ پيشيءَ لاءِ ايندي

ڪراچي: ڪمرشل علائقن ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جو واعدو ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪمرشل علائقن ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جو واعدو ڪيو ويو. ڪي اي ايس سي ۽ ڪي الي سي ايم ايز جي مشاورتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. ڪي اي ايس سي حڪام ڪمرشل علائقن ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جي فراهمي يقيني بڻائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: ڪمرشل علائقن ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جو واعدو ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪمرشل علائقن ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جو واعدو ڪيو ويو. ڪي اي ايس سي ۽ ڪي الي سي ايم ايز جي مشاورتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. ڪي اي ايس سي حڪام ڪمرشل علائقن ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جي فراهمي يقيني بڻائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

غوثپور جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ شاگردن جي ذهانت جي مقابلي جي حوالي سان تقريب

تقريب جو خاص مهمان ضلعي ڪشمور جو ڊپٽي ڪمشنر منور علي مٹياڻي هيو، اڳواڻ شريڪ

اسحاق ادراڻي ،عبدالغفار سومرو استاد عزيز الله مهر خان محمد استاد شمس الدين پنهوار ڪوٺايو ويو

اسڪول ۾ تقريبي ۾ سماجي ائڪٽوٽي هجڻ کپي ۾ ان ڳالهه جو ٻارن جي سوچ تي مثبت اثر پوي ٿو:ڊي سي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپورغوثپور جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ شاگردن جي ذهانت جي مقابلي جي حوالي سان تقريب ڪرائي وئي تقريب جو خاص مهمان ضلعي ڪشمور جو ڊپٽي ڪمشنر منور علي مٹياڻي ۾ تعليم ڪاتي ڪشمور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

غوثپور: شاگردن جي ذهانت جي مقابلي جي حوالي سان منعقد تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

پورهيت نوجوان ڪم ڪرڻ دوران ٽريڪٽر جي هينان اچي فوت ٿي ويو

30 سالن جو نوجوان پورهيت الطاف حسين پٽ محمود چانڊيو فوت ٿي ويو

فوتي ٿن ٻارن جو پيءُ هو، لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) پورهيت نوجوان ڪم ڪرڻ دوران ٽريڪٽر جي هينان اچي فوت ٿي ويو تفصيل موجب ڪيڻ ڳچ ڳوٺ جمع ٿيلهروڙا ،عبدالحق ڀٽي ۽ ٻيا ڪوٺايو ويو پنگورو جو رهواسي 30 سالن جو نوجوان پورهيت الطاف حسين پٽ محمود چانڊيو پر واري ڳوٺ پاڙهو خان جمالي ۾ ٽائيچ برادري جي ٽريڪٽر هيٺ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ترالي تي مزدوري سانگي مٽي پرائي جو ڪم ڪري رهيو ته ڪم هلندي هو هلندڙ ٽريڪٽر تان

نارو شاهه پرسان پوليس جي ڪارواڻي منشيات فروش جو مڪ اڳواڻ گرفتار

منشيات فروش جو مڪ جوابدار 1400 گرام چرس ۽ نقد ڪيش سميت گرفتار

منشيات فروشن کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو (ايس ايڇ او حنيف مهر)شهرين پر سرهائي

نارو شاهه (رپورٽ:راشد علي ميمڻ) نارو شاهه پرسان پوليس جي ڪارواڻي منشيات فروشن جو مڪ جوابدار 1400 گرام چرس ۽ نقد ڪيش سميت گرفتار ڪيس داخل، نارو شاهه ٽائي جي ايس ايڇ او حنيف مهر ٻڌايو ته نارو شاهه پرسان گوگڙ سري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

عادلپور پوليس پاران گشت دوران ڪارواڻي، جوا کيڏندي 3 جوابدار گرفتار

جوابدارن ڊين محمد ڊاهيءمسڪين سولنگي ۽ قربان ڪلوڙ کي پوليس گرفتار ڪيو

پوليس ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدارن کي برآمد سامان سميت ٽائي ٽي ڪٽي آئي

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور پوليس گشت دوران ڇڇهي اطلاع تي ڪارواڻي ڪندي، ڪلهوڙا اسٽاپ وٽان ٽاش ٽي جوا کيڏندي 03

عادلپور: پوليس جي ڪارواڻي دوران گرفتار جوابدار تحويلي ۾ نظر اچي رهيا آهن

يوسي لنڊڪي جي ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي پرائمري اسڪول کي سهولتون نه ملڻ

استاد ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ ننڍن اسڪولي شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

غلام نبي لاشاري آچر لاشاري غلام رسول لاشاري شمن لاشاري علي نواز لاشاري احتجاج ڪيو

جلد کان جلد اسان جي اسڪول ۾ استاد ڏنو وجي ۽ فرنيچر ۽ بلڊنگ ڏني وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) يوسي لنڊڪي جي ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي پرائمري اسڪول غلام نبي لاشاري ۾ استاد ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ ننڍن اسڪولي شاگردن جو احتجاج تفصيل موجب يوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

پيپلز پارٽي ايم پي اي گهنور

خان اسراڻ متاثر ماروئڙن جي

سهائتا لاءِ سرگرم

نوشهروفيروز: ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند خلا شاگرد احتجاج ڪندي

ميرپورخان (رپورٽر) پيپلز پارٽي ايم پي اي گهنور خان اسراڻ پنهنجي ٽڪ پي آءِ ايس پندرهن جي ميرپورخان ۽ سحاول جوڙيجو تعلقن جي برسات ۾ برڙ متاثر ماروئڙن جي سهائتا لاءِ سرگرم آهي گهنور خان اسراڻ طرفان يونين ڪائونسل حيدر چانڊيو جي ڳوٺ رحيم دادا گوپانگ جي برسات ۾ برڙ متاثرن ماڻهن کي امدادي سامان ڏيڻ لاءِ ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن پاران مبينا ڏاڙي جي ڪيس ۾ واپارين جي ضمانت منظور

غلام مصطفيٰ ميمڻ پريس ڪلب جي نائب صدر صحافي مرتضي ۽ ٻين جي ضمانت منظور

اياز ميمڻ جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ چلگرين حملو ڪري اياز کي زخمي ڪيو: غلام مصطفيٰ ميمڻ

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊائريڪٽر انفارميشن سوائي خان چلگري طرفان گرييل ڏينهن ماڊل ٽائي بدين تي مبينا ڏاڙي جي ڪيس ۾ چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري بدين جي صدر غلام مصطفيٰ ميمڻ بدين پريس ڪلب جي نائب صدر سينئر صحافي مرتضيٰ ميمڻ سندن ڀائرن محمد اياز ميمڻ ۽ محمد حسن ميمڻ جي ايڊيشنل سيشن جج بدين جي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

2018 واريون عام چونڊون بوگس هيون ۽ حڪومت پڻ غلط هئي: امير بخش راڄپر

ملڪي معيشيت کي سڌارڻ لاءِ بلاول پتو جون ڪوششون قابل تعريف آهن: پ پ پ اڳواڻ

عمران خان اهم ادارن خلاف زهر اڳاڙيل سياسي طور زنده رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ڪائونسل جي ميمبر امير بخش خان راهپر چيرمين آهي ت 2018 واريون عام چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مشهور ٺيڪيدار عبدالوحيد لنڊ جو پيٽيرو دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو

مالڪن هوٽل جي ملازمن بورچين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي اڇڻ ۾ شرڪت ڪئي

درگاهه سچڙ سائين جي مريد ۽طاهري جماعت جي اڳواڻ مولوي محمد بخش پاڻ پڙهائي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مشهور ٺيڪيدار عبدالوحيد لنڊ جو پيٽيرو،ب پ اڳواڻ سردار سڪندر لنڊ جو پٽ، ۽ ب پ ڪائونسلر منظور لنڊ جو والد مشهور هوٽل مالڪ عبدالواحد لنڊ دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو آهي جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز ۾ مٽياڻي روڊ تي بيئل ڪافي مهين ڪان گندي پاڻي خلاف احتجاج

مختلف چوڪن روڊ رستن تي گندي پاڻي خلاف ايس ٽي پي تعلقي اڳواڻ اسد چانڊيو پاران ريلي

جي ڊي اي معشوق ڪورائي ۽ ٻين پاران مٽياڻي روڊ ڪان ڊي سي آفيس تائين احتجاج ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز ۾ مٽياڻي روڊ تي بيئل ڪافي مهين ڪان گندي پاڻي خلاف شهرين سياسي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: مٽياڻي روڊ تي بيئل ڪافي مهين ڪان گندي پاڻي خلاف احتجاج ڪيو پيو رڄي

ٽنڈو ياگو بار ڪائونسل جي چونڊن ۾ سڪندر علي خواجه صدر چونڊجي ويو

ڪائونسل جون چونڊون سول جج بدين طارق علي ميرجت جي نگراني ۾ ٽي گذريون

نائب صدر جيوت رام لوهاڻو، جنرل سيڪريٽري اشور لال، جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا ويا

ٽنڈو ياگو (رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڈو ياگو بار ڪائونسل جي چونڊن ۾ سڪندر علي خواجه وڪيل صدر ۽ اشور لال وڪيل جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. ٽنڈو ياگو بار ڪائونسل جون چونڊون سول جج بدين طارق علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

وارهه هنرادو مهانگائي خلاف عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ڪارروايون

سميع الله وڳڙ شهر جو ڏڙرو ڪري دڪان ۾ڇ پاڻ سبزي ڊيري جي دڪان تي ريٽ معلوم ڪيا

پڪوڙن ۾ خارج تيل استعمال ڪرڻ ڄاڻڻ کير۽ ڏهي ۾ ڪيميڪل چيڪ ڪرڻ لاءِ ڏيرون طلب

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه هنرادو مهانگائي خلاف عوامي شڪايتن ۽ تعلقي پريس ڪلب وارهه ميڊيا رپورٽنگ بعد انتظامي سجاڳ ٽي پي ايڇ او بدين ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو جي هدايتن تي شادي لارج ۾ غير قانوني اسپتالون هلائيندڙ عطائي ڊاڪٽرن خلاف سندس فوڪل پرسن ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ چاپا هڻي عطائي ڊاڪٽرن جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

وارهه: اسسٽنٽ ڪمشنر وارهه سميع الله ڪاڌي پيتي جي دڪانن تي انتظامن جو جائزو وٺندي

دادو ۾ استيشن روڊ سميت ٻين روڊن تي گٽر جو پاڻي ٻيهجي وڃڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پاڻي ٻيهجي وڃڻ سبب دوڪاندارن جو احتجاج ميونسپل آفيس جو گهيراءَ ڪيو ويو

نور احمد خشڪ، گل حسن پنهور، فاروق خشڪ ۽ ٻين دوڪاندارن احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو انتظاميا کي بار بار شڪايت ڪئي آهي تدارڪ نه ڪيو ويو: اڳواڻ

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ استيشن روڊ سميت شهر تي گٽر جو پاڻي ٻيهجي وڃڻ سبب دوڪاندارن جو احتجاج ميونسپل آفيس جو گهيراءَ ڪيو محلن، گهٽين، روڊن رستن تي گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف دوڪاندارن نور احمد خلاف شديد نعريبازي، استيشن روڊ سميت شهر تي گٽر جو پاڻي ٻيهجي وڃڻ سبب دوڪاندارن جو احتجاج ميونسپل آفيس جو گهيراءَ ڪيو، گهٽين، روڊن رستن تي گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف دوڪاندارن نور احمد خشڪ گل حسن پنهور، فاروق خشڪ ۽ ٻين دوڪاندارن استيشن روڊ ڪان مارچ ڪري ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڈو مستي لڳ تعليم ڪاتي

سنڌ جي اعلانيل تعليم

ايمرجنسي تي عمل نه ٿيو

دادو: مڪ روڊ تي پاڻي ٻيهڻ خلاف واپاري احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٽنڈو مستي (رپورٽر) ٽنڈو مستي لڳ تعليم ڪاتي سنڌ جي اعلاڻيل تعليم ايمرجنسي واري دعوا ڪي ٽنڈو مستي ۽ پرياسي اندر ايجوڪيشن خيرپور جي آفيسرن ڊوڙ وانگر هر ۾ اڏائي پنهنجي نااهلي جو ڇٽو ثبوت گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڪوڙي چانڊيا اندر پيش ڪندي سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڏهرڪي ۾ ڪميونيڪيشن ريٽيلرز پاران ڪرڻ جو غير قانوني سلسلو جاري

موبي ڪيش اڪائونٽ ۾ پئسا جمع ڪرائڻ تي اضافي پئسا وٺڻ بند نه ٿي سگهيو

40 هزار کان پنجاهه هزار تي اڏائي سو روپيا پاڻ سرعام وصول ڪرڻ لڳا آهن:شهري اڳواڻ

ڪمپني پاران ڊپازٽ فري هٽڻ باوجود ريٽيلر عوام کان پئسا وصول ڪرڻ لڳا آهن: ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ لالجند سوتواڻي) ڏهرڪي ۾ "ال پاڪستان ڪميونيڪيشن ريٽيلرز ڏهرڪي ۾سترڪت گهوٽڪي" پاران عوام کي ڪرڻ جو غير قانوني سلسلو جاري، بغير ڪنهن گورنمينٽ رجسٽريشن جي ڪوڙي ايسوسيئيشن ذاهي عوام کان موبي ڪيش اڪائونٽ ۾ پئسا جمع ڪرائڻ تي اضافي پئسا وٺڻ بند نه ٿي سگهيو، ڪمپني پاران ڊپازٽ فري هٽڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خيرپور هندو برادري جي آرامگاهه مسائن جي رستي ۾ گندو پاڻي ٻيهڻ خلاف احتجاج

گندو پاڻي ٻيهڻ خلاف هندو برادري فوتي عورت جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ديوان آتم داس جي فوتي امڙ جو لاش رکي هندو برادري احتجاجي مظاهرو ڪيو،نعربازي

75 سالن ۾ آواز اٿارڻ باوجود اسان کي مسئن جو رستو تعمير نٿو ڪري ڏنو وجي :مظاهرين

خيرپور (رپورٽر) خيرپور هندو برادري جي آخري آرامگاهه مسائن جي رستي ۾ گندو پاڻي ٻيهڻ خلاف هندو برادري فوتي عورت جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو، سياسي هاڪسن سان لاڙي تعلقي جو اعلان ، بنيادي سهولتن ته ملڻ خلاف ايندڙ چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽري ميرواهه ۾ انڊير نگري

چرپٽ راجا وارو نظام قائم ،

عوام سراپا احتجاج بٹيل

خيرپور: مسائن جو رستو تعمير نه ٿيڻ ۽ رستي ۾ گندگي خلاف رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٽري ميرواهه (رپورٽر) انڊير نگري چرپٽ راجا وارو نظام قائم ،چار مهينا گذرڻ باوجود ڪنهن لاوارث ڳوٺن جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو عوام سراپا احتجاج خيرپور پرسان ناري تعلقي جي جابلو پٽي ڪان رهي ايندڙ ڪرٽي واري نشين جي بند ٽٽڻ ڪري ديه تلي جي ڳوٺ يارمحمد شيٽو ڳوٺ غلام محمد شيٽو ۽ قبول محمد ٽالير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دولت پور جي صوفي بزرگ حسين بخش گيڙائي جو مست جو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو

ميلي جي آخري تي سنڌ جي مشهور ملهه پهلوانن گل حسن ملاح آصف علي زرداري ۽ ٻيا شريڪ

فقير سومر راهو انور علي راهو وڏيرو اقبال اوٽو مٹل اوٽو غلام نبي ڀگهيو پپن اوٽو فقير شريڪ ٿيا

دولتپور صفن (رپورٽر) دولت پور جي صوفي بزرگ حسين بخش گيڙائي المعروف نانگو شاهه مست جو سالياڻو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو ميلي جي آخري تي سنڌ جي مشهور ملهه پهلوانن گل حسن ملاح آصف علي زرداري تنوير حسين حنيف راهو ممتاز سوهو عبيد ڀگهيو قربان فنڪارن عبدالستار ڪاڪيپوٽو سوڊيو خان لغاري شمع سولنگي صبا ناز نازيا فن جو مظاهرو ڪيو هوٽيپوٽو طالب شيخ ۽ جان محمد لنڊ ۽ ٻين هڪ ٻئي کي ملهه ماري مقابلو ڪيو انعام حاصل ڪيا ملهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مڪلي شاهه لطيف ڪالوني جي بلڊنگس ڪالوني جي رهواسي پيرسن پاران احتجاج

پيرسن محمد ناهيو پنهنجي پٽ احمد، سليمان ناهيو سميت عورتن ۽ ٻارڙن احتجاج ڪيو

ٽٽي شهر جي بخاري محلي جي رهواسي يارو حمائتي ۽ منور حمائتي اغوا ڪري ڪٽي ويا :الزام

اغوا ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچائي ڪين تحفظ مهيا ڪيو وجي

ٽنڈو(رپورٽر) مڪلي شاهه لطيف ڪالوني جي بلڊنگس ڪالوني جي رهواسي پيرسن محمد ناهيو پنهنجي پٽ احمد، سليمان ناهيو سميت عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ پنهنجي اغوا ٿي ويل 9 سال معصوم ٽنائي محمد سليمان ناهيو سميت بازيابي لاءِ پريس ڪلب مڪلي تي احتجاج ڪندي پيرسن محمد ناهيو چيو ته 4 ڏينهن اڳ گذريل چنڇر واري ڏينهن شام جو سندس 9 سال معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خيرپور ضلعي جي نارا تعلقي ۾ بي

آءِ ايس پي پروگرام ۾ مستحق

عورتن جا پٽسا هڙپ

ٽنڈو: شاهه لطيف ڪالوني جي بلڊنگس ڪالوني جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

برزدار وڏا (رپورٽر) خيرپور ضلعي جي نارا تعلقي ۾ بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ رڪارڊ ٽوڙ فراڊ ڪري وڏي بٹماني تي مستحق عورتن جا پٽسا هڙپ ڪيا پيا وڃن پر بي آءِ ايس پي انتظاميا مڪمل خاموش تماشايي بٹيل آهن سالن کان بي آءِ ايس پي پروگرام جي تعلقہ نارا جي فيلڊ آفيسر مظفر شر پاران عورتن جي پٽسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پاران حيسڪو چيف سان ملاقات

حيدرآباد ۾ حيسڪو چيف محمد خان سوهو سان ملاقات ڪري مسئلن بابت آگاهي ڏني

اسان عوام جا جائز مسئلا حل ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن جا اسان نمائنده آهيون: رياض حسين شيرازي

سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪري عوام کي پريشاني کان بچايو ويندو: حيسڪو چيف محمد خان سوهو

ٽنڈو(رپورٽر) پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي، وزير اعليٰ سنڌ جي خصوصي معاون پ پ پ ايم اين اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ حاجي محمد حنيف ميمڻ پاران حيدرآباد ۾ حيسڪو چيف محمد خان سوهو سان ملاقات ڪري ٽنو ۽ سجاول ضلعن جي مختلف عوامي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهجي ويل ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جي لاءِ آفيسرن کي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

مورو ۾ فوت ٽيل پارٽي جي وارٽن سان ڊي سي نوشهرو فيروز ۽ ٻين پاران تعزيت

9 سالا معصوم پارٽي ماه نور سولنگي جي تعلق اسپتال مورو ۾ فوتگي ٽي رٽي هئي

انڪوائري ڪري ايڪشن ڪيو ويندو ته جيئن آئينده ڪا قيمتي جان ضايع نه ٿي سگهي: عملدار

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهنواز شيخ آج ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙي سان ڳٽ سول اسپتال موري ۾ فوت ٽيل ٽينگري جي وارٽن وٽ پهتو. هن مرحوم جي وارٽن سان ڈلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ سب جيل جوهي جو هيڊمحرر ايڇ سي علي اصغر گوپانگ لاڏاڻو ڪري ويو

جنازا نماز ۾ تدفين ۾ جوهي تعلقہ جي ڊي ايس پي بشير احمد ڪنهارو شريڪ ٿيا

ايس ايس پي آفيس جي عملي ۽ گوپانگ برادري شهرين وڏي اڇ ۾ شرڪت ڪئي

دادو(۽ ر) دادو ۾ سب جيل جوهي جو هيڊمحرر ايڇ سي علي اصغر گوپانگ ڏيوٽي دوران دل جي ڏوري سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي نماز اڄ شام جو پنجين بجي ٽي ايريگيشن ڪالوني جوهي ۾ ادا ڪئي وئي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو جي هدايتن تي شادي لارج ۾ ڪارروايون

فوڪل پرسن ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ چاپا هڻي عطائي ڊاڪٽرن جون اسپتالون سيل

غير قانوني اسپتالن کي ڊي جي هيلٿ جي سخت هدايتن بعد ڪوشش ۾ آهيون: ڳالهيون

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو جي هدايتن تي شادي لارج ۾ غير قانوني اسپتالون هلائيندڙ عطائي ڊاڪٽرن خلاف سندس فوڪل پرسن ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ چاپا هڻي عطائي ڊاڪٽرن جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين: ڊي ايڇ او جي هدايتن بعد عطائي ڊاڪٽرن جي ڪلنڪ کي سيل ڪيو پيو رڄي

دادو ۾ اي سيڪشن ٽائي جي حد ۾ 6 سالن جي نينگر سان زيادتي جي ڪوشش

شهباز ڪالوني جي رهواسي 6 سالا حسن سولنگي سان وحشي پاران زيادتي جي ڪوشش

ميڊيا تي خبر نشر ٿيڻ بعد آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي ڇڏيو، ايس ايس پي کان رپورٽ طلب

اي ايس آئي عمرالدين سولنگي جي فرياد تي گناهه نمبر 321/2022 قلم 377 تحت ڪيس داخل

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ اي سيڪشن ٽائي جي حد ۾ 6 سالن جي معصوم نينگر سان مبينا ڏاڏائي معصوم نينگر جي پي جي فرياد تي اين سي داخل شهباز ڪالوني جي رهواسي 6 سالا حسن پٽ عمرالدين سولنگي سان زين لاشاري گهر جي چت تي مبينا طور ڏاڏائي ڪئي اي سيڪشن پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهو فيروز ويجهو ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال تي نه سگهيو

ڳوٺاڻا بي يارو مددگار ٻٽيل انتظاميه اڳهور نند ستل ٻارڙن جو مستقبل به داءُ تي لڳل

اسان جي ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنيون وڃي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (ه ر)نوشهوفيروز ويجهو ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال تي نه سگهيو ڳوٺاڻا بي يارو مددگار ٻٽيل انتظاميه اڳهور نند ستل ٻارڙن جو مستقبل به داءُ تي لڳل آهي ان جهڙ ڪري ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي، ڳوٺ جي ٻارن جي مستقبل کي بچائڻ لاءِ ڳوٺ جي سماجي ڪارڪنن ۽ ٻين ماڻهن پاران ڪوششون ڪيون پيون آهن ۽ ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم جي مستقبل کي بچائڻ لاءِ ڳوٺ جي سماجي ڪارڪنن ۽ ٻين ماڻهن پاران ڪوششون ڪيون پيون آهن

سڪرنڊ پرسان ڳوٺ دائود

گدارو ۾ عزيز بوائز پرائمري

اسڪول ۾ تعليمي سيمينار

نوشهروفيروز: ڳوٺ موسا خان مري برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو رڄي

نواب شاهه (رپورٽر) سڪرنڊ پرسان ڳوٺ دائود گدارو ۾ عزيز بوائز پرائمري اسڪول ۾ تعليمي سيمينار ٽي گڏ ريو جنهن ۾ گوٺاڻن ، ٻارڙن ، سياسي سماجي ماڻهن ۽ استادن وڏي اڇ ۾ شرڪت ڪئي ، سيمينار کي تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر سيد قربان علي شاهه جيو ته اسان جو مقصد ٻهراڙين ۾ نه پڙهندڙ ٻارڙن کي تعليم ڏيارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جيان مدينه منوره ۾ ايڪتا جي رنگا رنگ تقريب

ٽوپي اجرڪ ۽ پائي شريڪ سنڌي قومي گيتن تي شاندار جهمريون هنيون ويون

تقريب جو انعقاد اياز پنهيار،عادل عباس ۽ فهيم اوٽو جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي ويئي

ڏرتي ثقافت امن پائيچاري ۽ انسانذات توڙي پکين جانورن سان ب پيار ڪرڻ جو درس ڏنو:اڳواڻ

ٽالهروڙا (رپورٽر) سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جيان مدينه منوره ۾ ايڪتا جي رنگا رنگ تقريب،ايڪتا تقريب ۾ سنڌ جا رهواسي پنهنجي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪندي ٽوپي اجرڪ ۽ پائي شريڪسنڌي قومي گيتن تي شاندار جهمريون،ايڪتا تقريب اياز پنهيار،عادل عباس ۽ فهيم اوٽو جي ميزباني هيٺ منعقد ٿي،سنڌ جي سرزمين صوفين جي آهي جن همييشہ پيار امن پائيچاري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

